ماهوار

# تحريڪ

حيدرآباد سنڌ

آگسٽ ١٩٧٧

قيمت: ٻه رپيا


وطن دوست انقلابي راهه روشن ڪندڙ مشعل

نيٺ ته اٿندا سٺ لک ڏاڏا، ڏيه اسان جي ڏاڏاڻي جا
نيٺ ته ڀڄندا ٽڙني تان دستور زنجير ۽ گهاٽي جا.
(ملڪ نديم)



پريم ساگر

## هاءِ دکي انسان

جيئرا لاش انسانن جا
روئي جي ڪجهه ٽڪرن لاءِ
نيري آسمان جي هيٺان
سڄ جهڙي سگري ۾
ٻچڙن ٽا دکندڙ ڪوڏن جيان •
محلاتن ۾، مئخانن ۾،
بنگلن ۾ سئنيمائن ۾،
اڻ ڳڻيا خزانو لٽجي ٿو•
پيٽ ڏاوا معمول جيان
عياشي جا پنڌ پچائن ٿا
رستي تان ويندي ويندي
پيٽ ڏاوا هٿ ڦهلائن ٿا
۽ چپ چپاتا چلئي هلن ٿا
”هاءِ دکي انسان.“

رفيق جعفري

## غزل

انين نه پيارا پور پچاءِ،
ويٺو وات تڪين ڪنهن لاءِ•

هاڻو آهي ڏاڍو ڏور،
منزل ڏي تون وک واءِ•

ڏس چمني پاسن چيلاٽا،
ڇٽ انهن جا جهٽ جلاءِ•

ڪند ڪسڻ لئي آتا آهن،
اي پيچل پيهر سين لڳاءِ•

ويريءَ جي هر چال نئين ڏس،
ڪيڏا پيو هي ڍونگ رچاءِ•

ديس جو دشمن ڇڏئو ناهي،
پل پيو ڪيڏا رنگ مٽاءِ•

غلام علي ”مخمور“

## ٽيڙو

ڪيڏي ڏني چوٽ
وڪڻي ڇڏيئي ضمير !
ساوا وڻي نوٽ•

وڏو انم ارمان
ڏسي ڪاريٺون بنگلا
وڪڻي ڇڏيئي ايمان•

پولا ! ڪاڏي پٽ
وڪڻي ڇڏيئي واڏڙا
شهيدن جو رت•

اشوڪ ڪمار ”آزاد“

## وائي

هاڻ نہ سهبا سور
او سائي هاڻ نہ سهبا سور.
جاڳيا پنهنجي سنگ جا سائي،
منزل ناهي ڏور
او سائي هاڻ نہ سهبا سور.
حق نہ پنهنجا هڪ ٿي وٺبا،
مات نہ مڃبي مور
او سائي هاڻ نہ سهبا سور.
ڏيهہ نہ سهبون هاڻ ڏاڍايون
مرندا ڪونہ مزور
او سائي هاڻ نہ سهبا سور.
وطن جي ويرين تي مظلومو!
وار ڪريو پرپور
او سائي هاڻ نہ سهبا سور.

محمد خان ”مخمور“

## وائي

لال ليارن جهڙي نار
جهڄندي، جهرندي هاء! ڏني مون.

ڏسڪي ڏسڪي ڏينهن گذاري
بڪ بنايو تنهن بيڪار
جهڄندي، جهرندي هاء! ڏني مون.

چنڙي پي وئي چيڙهون ٿي
ڏکي ڇاتي ڪين مٿڙي وار
جهڄندي، جهرندي هاء! ڏني مون.

چڙها چيٺيون لوڪ ڏئي ٿو
گهر ۾ ٻچڙن جي ٻاڪار
جهڄندي، جهرندي هاء! ڏني مون.

الطاف ”بيدار“

## بيت

پلپل هن جهان ۾، اڏيا ڪوڙا ڪوٽ
مڙس سينا ساهيا، وٺي سچ جي اوٽ،
سورهيہ سي اٺموٽ، گهور ڏئي ويا گهر تي.

گهوريو گهوريو ساهہ، ڌرتي پٺي ساري،
ڪونج اڪيلي ڪوهہ ۾، پيئي ڪوڪاري،
هنجون پئي هاري، حال اسان جا هي ٿيا.

تو لئہ آس انبر گهٽي، ساري پيو ساربان،
چارڻ توکي چاهہ مان، هر دم پچاربان،
تو بن گذاريان، اِيءَ نہ ٿيندو مون ميان.

ثريا سنڌي

# آ آگ لڳايون

آ آگ لڳايون
ڪايا ساڙي، پاڻ جلايون
رت مان ڀڙڪي آيرن باهيون
زنجيرون پگهرايون
او ساٿي مُڪتي پايون
آ آگ لڳايون ....

رڳ رڳ ۾ ٿو پنيٽ ڀڙڪي
آءُ ته شعلا ٺاهيون
آنڌارن ۾ آلا ٻڻجي
باهين کي ڀڙڪايون
ديپڪ باتي ٻڻجي ساٿي
آ آڙاهه مچايون
نيل بدن جا ڳاري، ڳولهيون
آزاديءَ جون راهون
بند صدين کان، ڪيستائين!
آخر انسان آهيون
زنجيرون پگهرايون
او ساٿي مُڪتي پايون
آ آگ لڳايون ....

★

ادل سومرو

# هاري پوڙهو

ڏٻرو جوڙو، هاري پوڙهو
ڪنيل ڪوڏاري، جهونو هرڙو

محل نه ماڙي، آيي نه ڪياڙي
ننڍڙو ننڍڙو، ڪک پن گهرڙو

جهريل جنڊڙي، خالي ڳنڊڙي
ڪين سمجهي ڪو آن جو ذرڙو

باهه بدي جي، ڏپ بکهر جي
مچن مارو، ڪٽن ۾ ڪرڙو

کهڙا اوڙا، کهڙا پاڙا
ٿاڪ تنين جو سارو ٿرڙو.

★

محمد صديق

ناشر

# ڪنگلا ۽ بنگلا

بنگلي جو جمع، بنگلا ٿيندو آهي، ۽ ڪنگلا ماڻهو، بنگلا ٺهرائي نه سگهندا آهن. بنگلن ۾ رهندڙ ماڻهن جا ڪنڌ، بنگلن وانگر آيا هوندا آهن. جيڪي بنگلا ٺاهيندا آهن، اهي بنگلن ۾ رهي نه سگهندا آهن، ان ڪري اها چوڻي غلط آهي ته ”جيڪو پچائي سو کائي.“ بنگلن ۾ امير ماڻهو رهندا آهن ۽ ڪنگلا ماڻهو انهن جي رعيت هوندي آهي. ڪنگلا يعني مسڪين ماڻهو بنگلن جي بادشاهن کان پنهنجيون ڪکيون لڪائي ڪکن جي جهوپڙين ۾ گهڙيون گهاريندا آهن. بنگلن جا بادشاه جنهن وقت به چاهين ڪنگلن کي ڪاٺ ۾ هڻائي سگهن ٿا ۽ ڪنگلن جو داڻو پاڻي بند ڪرائي سگهن ٿا.

هڪڙو بادشاه عمر به هو، جنهن کي به هڪڙي ماڙي، يعني بنگلو هو. بادشاهن کي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو آهي، سو هڪ ڏينهن عمر بادشاهه به ٿر جي هڪ مارئي کي شڪار ڪري، پنهنجي بنگلي ۾ اچي قيد ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي راڻي بڻجڻ جي آڇ ڪئي.

جهوپڙي ۾ رهندڙ ماڻهو اڪلي نه پر بيوقوف هوندا آهن. مارئي جهوپڙي جي رهواسڻ هئي ان ڪري هن بيوقوفيءَ جو ثبوت ڏيندي عمر جي راڻي بڻجڻ کان انڪار ڪيو ۽ عمر کي چيائين:

عمر مون نه وٽن تنهنجون ماڙيون الا،
اهي مارو ٽڙا مال چاريون الا.

بادشاهن جا شوق عجيب هوندا آهن، پر غريب نه. جيڪو شوق بادشاهه ڪندا آهن ان کي بادشاهي شوق چئبو آهي. بادشاهي شوق گهڻن قسمن جا ٿيندا آهن. ڪتا پالڻ به بادشاهي شوق آهي. پراڻي خيال جا بادشاهه ڪتن کي سوئرن سان وڙهائيندا هئا. پر جديد قسم جا بادشاهه ڪتن کي ڪارن ۾ ويهاري ڪلفٽن، ايلفي ۽ طارق روڊ گهمائيندا آهن. جديد قسم جي بادشاهن جا ڪتا به جديد قسم جا هوندا آهن.

جيڪڏهن ڪو ڪنگلو پل ۾ ڪنهن بنگلي جي پڪ ۾ پنهنجي ڪوجهي جهوپڙي جوڙي ويهندو آهي ته بادشاهه پنهنجي بنگلي جي سونهن تي جهوپڙيءَ جو داغ برداشت نه ڪري سگهندو آهي ۽ هڪ ڏي ڦوڪ سان جهوپڙيءَ کي آڏائي پاڙيسريءَ جو حق ادا ڪندو آهي، اهو بادشاهه سلامت جي ڦوڪ جو اثر آهي. هڪڙي ڦوڪ وري نانگ به ڏيندو آهي. ڪنگلن جي واتان ڦوڪون نه پر بڪ جون اوباسيون نڪرنديون آهن.

ابراهيم اسير ملاح

## بيت

لاڙي لڙڪ هزار، ولر اڏري ويا
نه ڪو هاڻ نيرڳ، نه ڪونجڙين قطار
جتي باغ بهار، خيما آهت خزان جا.

رمي روهه ويا، ولر ويچارن جا
ڦٽا ڊيپ ٻڻن تي، جهي لوهه پيا
جتي هنج هئا، اتي ڳوٺ ڳجهن جا.

ڪونجون نڪي هنجڙا، نه ڪي نيرڳ مور
ٻنوهارن جي ٻڻن تي ڪبرون، ڪانگيرا
آديسين آکيرا، جوڙيا جهانگين جي جوءِ تي.

ساريءَ منڊ منڊي، سوگها ڪيئڙا سات
اڪيلو آ آديسي، ڪنهن سان ورهه ونڊي
روبو ڪنب چنڊي، نهرڳ ڪينجهر ڪپ تي.

ٽيري پاڻيءَ ٽي نيرڳ چتر ڳي ٻيو چهڙي
اڪيلو آڄ تي، ناهي وڳر وهڙهي
ڪيرو ڪنب ڪنڊيڙي، ساري سات 'اسير.'

ٻيڻ ۽ پاپوڙا، ڪوڏيون ڪم ڪٿي!
وچڙي ويڙا ڪيترا، پرين ٻڪيڙا
جتي هنجن جيڙا، ٻگها آهت ٻڻن تي.

ڪونجڙين جا قافلا، اڪي هنج آهي
پرياسين جي پاڪرين، بيگرا چڻي ٻاٻلا
گندا ڪن ڳلا، جي ميجون مٽ 'اسير.'

Monthly
Reg: No: 2999

TAHREEK Sindhi

VOL: 3 NO: 11
Hyderabad Sind

# آزاد ڪرڻ جي اپيل

رسول بخش پليجو، مير علي بخش خان ٽالپر، شاهه محمد شاهه، ابوبڪر زرداري، علي حيدر شاهه، غوث بخش خاصخيلي، ۽ ٻين رهيل سمورن

سياسي ڪارڪنن، شاگردن،

هارين، مزورن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ جناب جي- ايم- سيد جي نظربندي ختم ڪئي وڃي.

سنڌ جي سمورين وطن دوست تنظيمن ۽ سنڌي عوام کي به سڏ ٿو ڏجي ته هو بيانن، تارن ۽ خطن وسيلي سنڌي سياسي قيدين جي آزاديءَ لاءِ اختياري وارن کي اهڙي اپيل ڪن.

پاران:- **سنڌي عوامي تحريڪ** (اشتهار)